حصو الف (گهڻ چونڊائتي سوال)

سوال1. هيٺين جا صحيح جواب چونڊيو.

(1) پاڻ سڳورن صلي الله عليه وسلم ____ سن هجريءَ ۾ آخري حج ادا ڪيو.

eduvision.edu.pk

(الف) 9 (ب) 10 (ج) 11 (د) 12

(2) قاضي قاضن ______ جي دور ۾ سنڌي شاعر هو.

(الف) ٽالپرن (ب) سومرن (ج) ڪلهوڙن (د) سمن

(3) مالڪن جا تڪرار ________ نبيريندي آهي.

(الف) سپريم ڪورٽ (ب) ملڪي ڪورٽ (ج) عالمي ڪورٽ (د) هاءِ ڪورٽ

(4) مائي خيري مسجد ________ شهر ۾ موجود آهي.

(الف) هالا (ب) سعيد آباد (ج) خدا آباد (د) حيدرآباد

(5) بيوه پنهنجي پٽ کي ________ لاءِ شهر وٺي آهي.

(الف) تعليم (ب) هنر (ج) ڏنڌي (د) نوڪري

(6) ان شاه الله پاڪستان ______ رهڻ لاءِ ٺهيو آهي.

(الف) هميشه (ب) قائم (ج) مضبوط (د) طاقتور

(7) ڪينجهر لفظ جي معني آهي ______

(الف) ٽورائي (ب) سرسبز (ج) خوشحالي (د) گهٽائي

(8) مصرع مڪمل ڪيو، ڪوڙي دنيا، ڪوڙا ______ ڏينهن مڙيوئي ڏون

(الف) نظارا (ب) پسارا (ج) اشارا (د) آسرا

(9) چوڪري هڙ مان چانور ڪڍي ______ کي ڏنا.

(الف) غلام (ب) پانهيءَ (ج) نوڪر (د) شهزاديءَ

(10) هر هڪ سرنديءَ کي گهر جي تي حياتيءَ ۾ اهو ڪم ڪري جو مرڻ بعد سندس ______ ٿئي.

(الف) نالو (ب) تعريف (ج) نيڪنامي (د) شهرت

(11) ڊاڪٽر جيمس پرنس مير صاحب جي علاج لاءِ ______ مان آيو هو.

(الف) انگلينڊ (ب) راجپوتانا (ج) بمبئي (د) ڪڇ

(12) زرتشت مذهب ۾ ________ جي پوڄا ڪئي ويندي آهي.

(الف) ٻتن (ب) سج (ج) باهه (د) تارن

(13) اتحاد اهو روح آهي جيڪو قومن کي حياتي ۽ ______ بخشي ٿو.

(الف) تازگي (ب) قوت (ج) حوصلو (د) همت

(14) دنيا جو مشهور مفڪر ۽ ڪيميادان ابو موسي جابر بن حيان جو استاد ______ هو.

(الف) امام ابو حنيفه (ب) امام مالڪ (ج) امام جعفر صادق (د) امام بخاري

(15) مصري شاه کي ______ جو بادشاهه چيو وڃي ٿو.

(الف) ڪافي (ب) غزل (ج) مرثيو (د) رباعي

حصو ب ( مختصر جواب جا سوال)

نوٽ. هيٺين سوالن مان ڪن به 9 سوالن جا جواب ڏيو هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال2. مائي خيري ڪهڙا ڪهڙا خير جا ڪم ڪيا؟

سوال3. مولانا دين محمد وفائيءَ جا ڪهڙا يادگار موجود آهن؟

سوال4. وادي، مائيءَ کي ڪهڙو شرط ٻڌايو؟

eduvision.edu.pk

